هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن پريو بيان

# وقت جي قدر ڪريوءِ

# وقت ضائع ڪرڻ وارا ڪجھ امور

**09-MARCH-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# وقت جي قدر ڪريو ۽ وقت ضائع ڪرڻ وارا ڪجھ امور

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

مَنقول آهي : جڏهن ڪنهن مجلس ۾ (يعني ماڻهن ۾) ويهو تہ چئو: ”بِسْمِ الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم وَ صَلَّى الله عَلٰى مُحَمَّد“ الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي هڪ ملائڪ مُقرّر فرمائيندو جيڪو توهان کي غيبت کان بچائيندو ۽ جڏهن مجلس مان اُٿو تہ چئو: ”بِسْمِ الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم وَ صَلَّى الله عَلٰى مُحَمَّد“ تہ ملائڪ ماڻهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان پري رکندو. (اَلْقَوْلُ الْبَدِيع،ص۲۷۸ ملتقطاً)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور
بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

**شعر جي مختصر وضاحت:**

يارَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! جيتوڻيڪ منهنجا گناهہ تمام گهڻا آهن، پر

www.dawateislami.net

اوهان تہ گهڻي معافي عطا فرمائڻ ۽ بخشڻ وارا آهيو، منهنجا گناهن ۽ خطائن کي معاف ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي ڪروڙين درود و سلام نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، باب السين، سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻہ مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اِسلامي جي اشاعتي اِداري مكتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 826 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”قُوتُ الْقُلُوْب“ جي صفحي نمبر474 تان هڪ سبق

آموز حڪايت ٻڌو ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن جي مهڪندڙ خوشبو سان پنهنجي دل جي مدني گلدستي کي بہ سجائڻ جي ڪوشش ڪريو.

## غفلت واري ننڊ ۽ زندگي جي بربادي

ڪنهن (نادان شخص) هڪ حڪيم کي چيو تہ منهنجي اڳيان ڪنهن اهڙي شيءِ جون خوبيون بيان ڪيو جو جنهن جي اِستِعمال سان مان سڄو ڏينهن بہ سُتل رهان. حڪيم چيو:اي فُلاڻا! تون ڪيترو گهٽ عَقل وارو آهين! تنهنجي عُمر جو اڌ حِصّو تہ پهريان ئي (رات جو غفلت ۾) سمهندي گذاري رهيو آهين، حالانڪ ننڊ مَوت جو ٻيو نالو آهي ۽ هاڻي تون پنهنجي عُمر جي (4 حصن مان ٽيون (3/4) حِصّي کي وڌيڪ ننڊ جي حوالي ڪرڻ چاهين ٿو، ۽ صرف هڪ چوٿائي(1/4) حِصّي جي زندگي؟ تہ ان ٻانهي پڇيو: اهو ڪيئن؟ ان حڪيم ٻڌايو: مثال تنهنجي عُمر 40 سال هجي تہ اڌ عُمر 20 سال ٿيندي ۽ تون ان کي بہ مزيد 10 سال بنائڻ چاهين ٿو (يعني جڏهن ڏينهن جو بہ وڌيڪ سُتل رهندين تہ مزيد 10 سال گهٽجي ويندا ۽ تو وٽ آخِرت جي لاءِ زاد راهہ نيڪيون گڏ ڪرڻ جي لاءِ صِرف 10 سال ئي باقي بچندا، تنهنڪري وڌيڪ سمهڻ جي خواهش کي دل مان ڪڍي ڇڏ.) ( قُوْتُ القلوب، فصل ٢٧، ٢٧٤/١بتغير قليل)

سيدي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ، راند روند ۾ قِيمتي وقت کي برباد ڪرڻ وارن ۽ سڄي رات غفلت جي ننڊ سمهڻ وارن کي ڇڻ تہ بيداري جو پيغام ڏيندي ڪجهہ هن طرح سمجهائي رهيا آهن:

دن لہو میں کھونا تجھے شب صُبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته ان عقلمند شخص وڌيڪ سمهڻ جي آرزو رکڻ واري شخص جي ڪيتري بهترين اَنداز ۾ اِصلاح ڪئي ۽ ان کي فِڪرِ آخِرت جو کهڙو مَدَني ذِهن ڏيڻ جي ڪوشش فرمائي، بَيان ڪيل واقعي ۾ خاص ڪري انهن نادانن جي لاءِ عِبرت جو سامان مَوجُود آهي جو جنهن جي ڏينهن رات جو اَڪثر وَقت فقط سمهڻ ۾ يا بيمارن وانگر بستر تي ليٽل رهڻ ۾ ئي ڪٽجي ويندو آهي، اهڙن ماڻهن کي نه ته نمازن جو هوش هوندو آهي ۽ نه ئي گهر وارن جي حُقوق جي پروا. ياد رکو! بِلا وجه وڌيڪ سمهڻ هڪ اهڙي بُري عادت آهي جيڪا وَقت جي بَربادي سان گڏوگڏ دنيا ۽ آخِرت ۾ ذِلّت و رُسوائي جو سبب آهي، جيئن

سَيِدُ الْمُبَلِّغِين، رَحمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: حضرت سَيِدُنا سُلَيمان بن داؤد عَلَيه السَّلَام سان سندن والِده ماجِده رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنْهَا فرمايو: اي منهنجا پٽ! رات جو گهڻي دير نه سُمهه ڇوته رات جو گهڻو سمهڻ انسان کي قِيامت جي ڏينهن فقير بڻائي ڇڏيندو. (ابن ماجه، كتاب اقامة الصلوات، باب ماجاء في قيام اليل،٢ /١٢٥، حديث، ١٣٣٢)

شَيخُ الحديث حضرت علاّمه عَبدُ المُصطَفٰي اَعظَمِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: تمام بُزرگن هي فرمايو آهي ته ٽن (3) عادتن کي لازم ڪيو. گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ سُمهڻ، گهٽ کائڻ، ڇاڪاڻ ته وڌيڪ ڳالهائڻ، وڌيڪ سمهڻ، وڌيڪ کائڻ، اهي عادتون نهايت ئي خَراب آهن ۽ هنن عادَتن جي ڪري انسان دِين و دُنيا ۾ نُقصان کڻندو آهي. (جنّتي زيور،ص١٢٥)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وَقت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هڪ اهڙي نعمت آهي جيڪا هر

www.dawateislami.net

اِنسان کي برابر ملندي آهي. ائين ناهي تہ غريب جي لاءِ ڏينهن رات ۾ ڊبل ٻارهن (24) ڪلاڪ آهن تہ اَمير جي لاءِ ستاويهہ (27) بلڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ هر هڪ کي ڏينهن رات جي صورت ۾ ڊبل ٻارهن (يعني 24) ڪلاڪ ئي عطا ڪيا آهن. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ ڪير ان اَوقات جي قَدر ڪري ٿو ۽ ڪير بَرباد ڪري ٿو؟ ڇوتہ عنقريب هن فاني زِندَگي جي سَفَر جو اِختِتَام ٿيڻ ئي وارو آهي جيئن تہ

## اِبنِ آدم جو ٽڪاڻو

حضرت سيدُنا امام حَسَن بَصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائيندا هئا تہ اي اِبنِ آدَم! تون مختلف مَرحَلن جو مَجمُوعو آهين، جڏهن بہ تو وٽان ڏينهن يا رات گذرن ٿا تہ تنهنجو هڪ مَرحَلو خَتم ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن تنهنجا تمام مَرحلا خَتم ٿي ويندا تہ تون پنهنجي مَنزِل يعني جَنّت يا جهنَّم تائين پهچي ويندين.

(قوت القلوب ،الفصل الثامن ولعشرون،ج١،ص١٨٧عربي)

مَحْشَر میں حساب آہ! میں دے ہی نہ سکوں گا    رَحمت نہ ہوئی ہو گا جہنّم میں ٹھکانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وَقت جي قَدر مان ڇا مُراد آهي؟ وَقت جو قَدر ڪيئن ڪيو وڃي؟ اچو! هن ڪي قُرآنِ ڪريم جي هن آيتِ مبارڪ مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا جيئن سيپاري 30 سُوْرَة عَصْر جي آيت نمبر 1 تا 3 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَ الْعَصْرِ ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾ (پ٣٠، العصر:١تا٣)

ترجمو ڪنز الايمان: ان محبوب زماني جو قسم بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون.

مشھور مُفسِر قرآن،حڪيم الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: تہ (اِنسان) پنھنجي اَصل پُونجِي (يعني )عُمر کي، ڪفر، گناھ، غفلت، دُنيا طَلَبي،راند روند ۾ بَربَاد ڪري رھيو آھي، ان کي آخِرت (کي بھتر) بنائڻ جو ذِريعَو نتو بڻائي، اِنسان واپاري آھي، زِندَگي ان جو دُڪان ۽ عمل دُڪان جا وکر آھن، جيڪڏھن (عمل) سٺا آھن تہ انھن جو خريدار خُدا تعاليٰ آھي ۽ جنّت اُن جي قيمت، جيڪڏھن بُرا آھن تہ شَيطان خريدار آھي ۽ دوزَخ اُن جي قيمت، جھڙو سودو اھڙا خريدار. (نورالعرفان،پ۳۰،العصر،تحت الآية:۲، ص۹۹۴)

## عُمر۽ بَرف ۾ مُشَابَھت

اِمام فَخرُ الدّين رَازِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ھڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ھي قَول نَقل فرمائن ٿا تہ مونَ سُوره، عَصر جو مَفهوم ھڪ بَرف فَروش وٽان سمجھيو جيڪو بازار ۾ اھو آوازلڳائي رھيو ھو: ان شخص تي رَحم ڪريو جنھن جو سَرمايو پگھري رھيو آھي.ان شخص تي رَحم ڪريو جنھن جو سَرمايو پگھري رھيو آھي. ان جا اھا ڳالھ ٻڌي مون چيو: ھي آھي "اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍۙ(۲)" (ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ انسان خساري ۾ آھي) جو مطلب. (مزيد فرمائن ٿا) تنھنڪري جنھن جي عُمر بيڪار گذري رھي آھي تہ اھڙو شخص نُقصان وارن مان ٿيندو.
(تفسير ڪبير، پ۳۰، العصر، تحت الآية۱،الجزء الثاني والثلا ثون، ۱۱ / ۲۷۸)

ھوئی جاتی ہے ہائے عُمر ضائع جانتا ہوں میں نہیں آئے گا ہرگز وَقت گُزرا یارسُوْلَ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوھان تہ اسان جي زِندَگي بلڪ زِندَگي جو ھر ھر لَمحو ڪيترو قيمتي آھي ۽ زِندَگي جو ھي مُختَصَر سَفَر ڪيتري تيزي سان

ڪٿجي رهيو آهي، تنهنڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو هن فاني دنيا جي ڌوڪي ۾ مُبتَلا نہ ٿئي، سون ۽ جَوَاهرات کان وڌيڪ قيمتي لَمحَن جي ناقَدري نہ ڪري، تَقويٰ ۽ پرهيزگاري اپنائي، پنهنجا ڏينهن رات فُضُولِيات ۽ دُنيوِي عَيش عشرت ۾ نہ وڃائي، جن ڪمن جي ڪرڻ جو شريعت حُڪم فرمايو آهي، اُنهن کي ادا ڪرڻ ۾ هرگز سُستي جو مُظَاهرو نہ ڪري، بِالفَرض نَفس سُستي ڏياري تہ نَفس کي خُوب دڙڪا ڏئي عادت بڻائي ۽ جن ڪمن کان رُڪڻ جو شريعت حُڪم فرمايو آهي انهن کان رُڪڻ ۾"اَگر مَگر" "ان ڪري اُن ڪري" کان ڪم وٺڻ بدران هڪ لمحي جي بہ دير نہ ڪري، ڇوتہ جيڪڏهن اسان هن فاني دُنيا جي رَنگينين ۾ ئي گم رهياسين، صرف ۽ صرف دُنيوِي مُستَقبِل کي سَنوَارڻ ۾ ئي اسان جا قيمتي ڏينهن غفلت ۾ گذري ويا ۽ مَوت جو فِرِشتو پهتو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو قَسم! هڪ پيرو سُبحٰنَ الله چوڻ جي بہ مُهلَت نہ ڏني ويندي . اچو! هن باري ۾ هڪ عِبرت آموز حِڪايت ٻڌون ٿا جيئن

## مال ورهائڻ جي بہ مهلت نہ ملي

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مكتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 417 صَفحن تي مُشتَمِل ڪتاب "اِحياءُ العُلُوم ڪا خُلاصَہ" صَفحي 389 تي آهي تہ حضرت سَيِدُنا ابُو بَڪر بن عَبدُالله مُزنِي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: بَنِي اِسرَائِيل مان هڪ شخص مال گڏ ڪيو. جڏهن ان جي مَوت جو وَقت قريب آيو تہ پٽن کي چوڻ لڳو:مون کي منهنجو مُختَلِف مال ڏيکاريو،ان وٽ تمام گھڻا گهوڙا، اُٺ ۽ غُلام آندا ويا. جڏهن ان انهن ڏانهن ڏٺو تہ حَسرَت وچان روئڻ لڳو. مَلَڪ المَوت عَلَيه السَّلَام ان کي روئندي ڏٺو تہ چيائون: ڇو روئي رهيا آهيو؟ ان ذات جو قسم! جنهن تو کي اهو سڀ ڪجھ ڏنو آهي! جيستائين مان تنهنجو رُوح

۽ بَدَن کي هڪ ٻئي کان جدا نہ ڪيان هتان ڪان نہ ويندس، ان چيو: مون کي ڪجھ مُهلَت ڏيو تہ مان هن مال کي ورهائي ونان. فِرِشتي چيو: هاڻي تو کي مُهلَت نہ ملندي، تو اهو ڪم پنهنجي مَوت جي اچڻ کان پهريان ڇو نہ ڪيو. پوءِ مَلَڪ المَوت عَلَيهِ السَّلَام اُن جو رُوح قَبض ڪري ورتو.

بے وفا دُنیا پہ مَت کر اِعتبار تُو اَچانک مَوت کا ہو گا شِکار
مَوت آکر ہی رہے گی یاد رَکھ! جان جا کر ہی رہے گی یاد رَکھ!
تیری طاقت تیرا فَن عُہدہ تِرا کچھ نہ کام آئے گا سَرمایہ تِرا
کرلے تَوبَہ رَبّ کی رَحمت ہے بڑی قَبر میں ورنہ سَزا ہوگی کڑی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حِڪايت ۾ بِالخُصُوص اُن غافِلن جي لاءِ عِبرت جا مَدَني گل مَوجُود آهن جو جنهن وٽ مال جي ڪمي ناهي پر ان جي بَاوُجُود اهي ان ۾ وڌيڪ اِضافي جي لاءِ ننهن چوٽي جي بازي لڳائيندا آهن. لڪين، ڪروڙين بلڪ اَربين روپيا گڏ ڪرڻ ۽ ڪيئي جائيدادون حاصل ڪرڻ بعد بہ دل نٿي ڀرجي، مال گڏ ڪرڻ جو حِرص آهي جو گهٽ ٿيڻ جي بدران ويتر وڌندو پيو وڃي ئي پيو وڃي. ياد رکو! مال گڏ ڪرڻ مُطلَقاً بُرو ناهي، مال اهو ئي بُرو آهي جو جنهن جا حُقوقِ وَاجِبَہ (مثال طور زڪوٰة، فطرو وغيره) ادا نہ ڪيا وڃن، مال اهو ئي بُرو آهي جيڪو اسان کي شَرعي اَحڪام جي بَجَا آوري، مَوت، قبر ۽ حَشر جا مُعَامَلاَت، چڱا عمل ۽ سٺي صُحبَت کان غافِل ڪري ڇڏي. تنهنڪري وَقت جي اَهمِيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ضرورت جي مقدار ۾ حلال رِزق جمع ڪيو ڇوتہ زندگي بار بار نٿي ملي،

www.dawateislami.net

هنن حديثن ۽ روايتن کي بہ ذِهن نشين رکو تہ جنهن ۾ وَقت جي اَهمِيت جي باري ۾ رَهنمائي ڪئي وئي آهي. اچو! ترغيب خاطر وَقت جي اَهمِيت بابت ڪجھ فرامين مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. بہ نعمتون اهڙيون آهن جن جي باري ۾ گھڻا ماڻهو ڌوکي ۾ آهن، (1) صِحّت ۽ (2) فَرَاغَت. (بخاري،ڪتاب الرقاق،باب ماجاء في الرقاق ...الخ:، ٢٢٢/٤، حديث:٦٤١٢ )

2. پنجن شين کي پنجن شين کان پهرين غنيمت ڄاڻو: ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پهريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پهريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پهريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مصروفيّت کان پهريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پهريان. (مستدرڪ،ڪتاب الرقاق، ٤٣٥/٥، حديث: ٧٩١٦)

3. روزانو صبح جو جڏهن سج اڀرندو آهي تہ ان وقت ”ڏينهن“ هي اعلان ڪندو آهي: جيڪڏهن اڄ ڪو سٺو ڪم ڪرڻو آهي تہ ڪري وٺو جو اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن بہ موٽي نہ ايندس. (شُعَبُ الايمان، باب في الصيام، ماجاء في ليلة النصف من الشعبان، ٣ / ٣٨٦، حديث:٣٨٤٠ ملخصاً)

چند روزہ ہے یہ دُنیا کی بَہار ۔۔۔ دِل لگا اِس سے نہ غافِل ذِی نَہار
عُمر اپنی یُوں نہ غفلت میں گُزار ۔۔۔ ہوشیار اے مَحْوِ غفلت ہوشیار
ایک دِن مَرنا ہے آخِر مَوت ہے ۔۔۔ کرلے جو کرنا ہے آخِر مَوت ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل اَحاديثِ مُبَارَڪ پڙهي ڪري خاص ڪري انهن ماڻهن کي خوابِ غفلت مان بيدار ٿيڻ گهرجي جيڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ هوٽلن، فُضُول ڪچهرين، پارڪن، مَخلُوط تَفريح گاهن (يعني اهڙين تفريح گاهن جتي غير مرد ۽ غيرعورتون گڏ ٿينديون هجن، خوب بي پردگي جي

www.dawateislami.net

ذريعي گناھن جو بازار گرم ٿيندو ھجي، اَلاَمَان وَالحَفِيظ)، اَخبارات جو مُطَالَعو ڪرڻ، ھر ھر آئينو ڏسڻ، فلمون ڊراما يا موسيقي سان ڀرپور پروگرام ڏسڻ ٻڌڻ، مُلڪي ۽ سِياسِي حالات ۽ ميچن تي تَبصرا ڪرڻ، ڪرڪيٽ يا فُٽبال کيڏڻ، ڏسڻ يا ان جي تفصيل ٻڌڻ، موبائل يا ڪمپيوٽر تي گيمز کيڏڻ، نائٽ پيڪجز جي ذريعي نامَحرمن سان فون تي ڳالھائڻ ۽ سوشَل مِيڊيا (Social Media) جو فضول يا گناھن ڀريو استعمال ڪرڻ ۾ وَقت جي نعمت کي بَرباد ڪندا آھن ۽ جڻ دُنيا ۽ آخِرت ۾ حَسرَت ۽ شَرمندگي جو سامان ڪندا آھن، حالانڪ جيڪڏھن اھو ئي وَقت نماز، روزن، ذِڪر و دُرُود، تِلاوَت، حَمد ونعت، وَالِدَين جي خدمت، نيڪي جي دعوت، قَبر وآخِرت جي مُعَامَلاَت جي تَياري، اَولاد جي تَربِيت ۽ حُصُولِ عِلمِ دِين جھڙي نيڪ ڪمن ۾ گذري تہ يقيناً دُنيا ۽ آخِرت ۾ ان جون بَرَڪتون نصيب ٿينديون، پر ھاءِ!

وقت جي عظيم قدردان، اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ياد الٰھي ڏانھن متوجہ ڪندي ڪيتري پياري انداز سان مدني گل اِرشاد فرمائي رھيا آھن:

رِزقِ خُدا کھایا کِیا فرمانِ حق ٹالا کِیا     شُکرِ کَرم تَرسِ جَزا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

شعر جي مختصر وضاحت:

اللہ عَزَّوَجَلَّ جا اي ٻانھا! تُون شئِ جو ڏنل رِزق کائين ٿو، ان جي باوجود بہ ان جي احڪامن تي عمل نٿو ڪرين، نہ تو ۾ ان جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي پيو ۽ نہ ئي تو کي ان جي عذاب جو ڪجھ خوف آھي.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!     صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! وَقت اللهعَزَّ وَجَلَّ جي هڪ عَظِيمُ الشّان نعمت آهي، قِيامت جي ڏينهن جيئن ٻانهن کان مُختلِف نعمتن بابت سُوال ٿيندو، اهڙي طرح وقت جي باري ۾ پڇيو ويندو ۽ اهو به پڇيو ويندو ته عُمر ڪهڙن ڪمن ۾ گذاري، جيئن سيپاري 30 سُوْرَۃُ تَکاثُر جي آيت نمبر 8 ۾ الله تَبارَڪ و تعاليٰ جو فرمانِ عاليشان آهي:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿٨﴾ (پ٣٠.التکاثر:٨)

ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ بيشڪ ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي.

صَدرُ الافَاضِل حضرت علّامہ مَولانا مُفتِي محمّد سَيد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن آيتِ مُقَدَّسَہ تحت فرمائن ٿا:( اهي نعمتون) جيڪي الله تعاليٰ توهان کي عَطا ڪيون هيون (مثال طور) صِحَّت، فراغت ۽ اَمن و عَيش و مال وغيره، جنهن سان دنيا ۾ لذّتون ماڻيندا هئا. پڇيو ويندو: اهي شيون ڪهڙي ڪم ۾ خرچ ڪيون، ان جو ڪهڙو شُڪر ادا ڪيو؟ ۽ تَرڪ شُڪر (ناشُڪرِي) تي عذاب ڏنو ويندو.

ٻنهي جهان جي مالِڪ و مُختار، بِاِذنِ پَروَردِگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: قِيامت جي ڏينهن ٻانهو ان وَقت تائين قَدَم نہ ڪٽي سگهندو جيستائين انهن 5 شين جي باري ۾ سُوال نہ ڪيو وڃي: (1) عُمْر ڪهڙن ڪمن ۾ گذاري؟ (2) جَواني ڪيئن گُذاري؟ (3) مال ڪٿان کان ڪمايو؟(4) ڪٿي خَرچ ڪيو؟ ۽ (5) پنهنجي عِلم تي ڪيستائين عمل ڪيو. (ترمذي، ڪتاب صفة القيامة...الخ، باب في القيامة، ۴/ ۱۸۸، حديث: ۲۴۲۴)

وقت جي عظيم قدردان، شهزاده اعليٰ حضرت،مُفتي اعظم هند حضرت مولانا محمد مصطفيٰ رضا خان نُوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ پاڻ کي

www.dawateislami.net

مخاطب ڪندي ۽ اسان کي توجه ڏياريندي فرمائي رهيا آهن:

رِياضَت کے یِہی دِن ہیں بُڑھاپے میں کہاں ہِمَّت    جو کُچھ کرنا ہے اب کرلو اَبھی نُورِی جَواں تُم ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! لفظ ”وقت“ ۾ ائين ته ٽي (3) اکر آهن، پر حقيقت ۾ اها نهايت قيمتي شيء آهي، وَقت کي نه کو خريدي سگهي ٿو ۽ نه ئي ان کي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو، هي هڪ اهڙو مُسَافِر آهي جيڪو مُسَلسَل پنهنجو سَفَر جاري رکي ٿو، جيڪو ڪٿي پَڙاءُ نٿو ڪري ۽ تمام ماڻهن کان بي پَروَا ٿي پنهنجي مَنزِلِ مَقصُود ڏانهن گامزن رهي ٿو، قومن جي عُرُوج و زَوال ۾ وَقت جو ڪردار نهايت اَهم رهيو آهي، جيڪي قومون وَقت جون قَدَر دان هونديون آهن ۽ پنهنجو صبح و شام کي وَقت جو پابند ڪنديون آهن ته تَرَقّي خود اڳتي وڌي ان جو اِستقبال ڪندي آهي، ان جي بَرعَڪس جيڪي قومون وَقت کي بيڪار سمجهي ائين ئي وڃائينديون آهن ته اهڙيون قومون غُلامِي جي زِندَگي گذاريندِيون آهن، وَقت جي بَربادي اُنهن کي ذِلَّت ۽ رُسوائي جي کڏ ۾ اهڙي طريقي سان ڌڪيندي آهي جو انهن جو نالو نِشان به باقي ناهي رهندو، وَقت جي مُعَامَلي ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي زِندَگي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي زِندَگين جو موازنو ڪيون ته اسان جي ۽ انهن جي اندازِ زِندَگي ۾ واضح فَرق ڏسي شايد اسان اَفسوس ۽ شَرمِندگي جي سَمُنڊ ۾ ٻڏي وڃون ڇوته اهي حضرات ٽائم پاس (Time pass) ڪرڻ جا عادِي نه هئا بلڪ انهن جي ذهن ۽ دِماغ ۾ وَقت جي قَدر و مَنزِلَت تمام گهڻي موجود هئي، سڪرات جي عالَم ۾ اِنسان تي جيڪا گُذرندي آهي، ان کي مرڻ وارو ئي ڄاڻي ٿو پر الله وارا ان نازُڪ گهڙي ۾ به وَقت جي اَهميت کان غافِل ناهن

ٿيندا بلڪ اهي آخري لمحا بہ نيڪين ۾ گذارڻ چاهين ٿا. اچو! هن باري ۾ هڪ اِيمان اَفروز حِڪايت پڙهون ٿا ۽ وَقت جي قَدر و قيمت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان کي بہ وقت جو قدردان بڻائي، جيئن

## اجا وَقت آهي:

حضرتِ سيدُنا احمد بن محمد بن زِياد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي، فرمائن ٿا تہ مون حَضرت سيدُنا ابوبَڪر عطّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اهو فرمائيندي ٻڌو: جڏهن حضرت سيدُنا جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو انتقال ٿيو تہ مان ۽ منهنجا ڪجھ رفيق هُتي موجُود هئاسين، اسان ڏٺو تہ اِنتقال کان ڪجھ دير اڳ ۾ ڪمزوري جي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ويهي ڪري نماز پڙهي رهيا هئا، سندن ٻئي پير سڄيل ها جڏهن رُڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا تہ هڪ پير ويڙهي ونندا هئا جنهن سبب گهڻي تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي هئي. دوستن اها حالت ڏٺي تہ چيائون: اي ابُو قاسم! هي ڇا آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا پير مُتَوَرَّم (يعني سُڄيل) ڇو آهن؟ فرمايائون: اَللهُ اَکْبَر اهو تہ نعمت آهي. حضرت سيدُنا ابُو محمد حَرِيري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چيائون: اي ابو قاسم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه! جيڪڏهن اوهان ليٽي پئو تہ ڇا حرج آهي؟“ فرمايائون: اجا وَقت آهي، جنهن ۾ ڪجھ نيڪيون ڪيون وڃن، هن کان پوءِ وري ڪٿي موقعو ملندو. وري اَللهُ اَکْبَر چيائون ۽ سندن رُوح هن فاني دنيا مان عالَمِ بالا ڏانهن پرواز ڪري ويو. اهو بہ منقول آهي تہ جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي چيو ويو: سائين! پنهنجي جان تي ڪجھ نرمي ڪيو، تہ فرمايائون: هاڻي منهنجو اعمال نامو بند ڪيو پيو وڃي، هن وَقت نيڪ عملن جو مون کان وڌيڪ ڪير گهڻو حاجت مند هوندو. (عيون الحکايات،الحکاية السابعةو الستون بعد المائتين، ص٢٥٠عربي)

www.dawateislami.net

کر جَوانی میں عِبادت کاہِلی اچّھی نہیں — جب بُڑھاپا آگیا کچھ بات بن پَڑتی نہیں
ہے بُڑھاپا بھی غَنیمت جب جَوانی ہوچکی — یہ بُڑھاپا بھی نہ ہوگا مَوت جس دَم آگئی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! — صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! عقلمند شخص نہ تہ پاڻ پنهنجو وَقت ضائع ڪندو آهي ۽ نہ ئي ٻين جو وَقت بَرباد ڪندو آهي بلڪ اهو تہ پنهنجي وَقت جي قَدر ڪندو آهي، پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي، وَقت ڪي سٺن ڪمن ۾ خرچ ڪندو آهي ۽ ٻين کي ان جي ترغيب ڏياريندو آهي، ٽائم پاس ڪرڻ جي سوچ رکڻ وارن جي اِصلاح ڪندو ۽ فُضُول ڳالھ ڪرڻ جي صورت ۾ فڪرِ مدينہ ڪندي پنهنجو اِحتِسَاب بہ ڪندو آهي. اها ئي اها مَدَني سوچ آهي جو جنهن جا واضِح آثار اسان کي بُزُرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي سيرت ۾ نُمايان طور تي نظر ايندا آهن. اچو! ترغيب لاءِ 2 اِيمان اَفروز واقِعا ٻڌون تا ۽ عِبرت جا مَدَني گل حاصل ڪيون ٿا، جيئن

## ٽائم پاس ڪرڻ واري جي اِصلاح

دعوتِ اِسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 1393 صَفحن تي مُشتَمِل ڪتاب ”اِحياءُ العُلُوم“ جلد 2 صفحي نمبر 829 تي آهي: حضرت سَيِدُنا ابُوعلي فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مسجِدِ حَرام ۾ اَڪيلا تشريف فرما ها تہ هڪ دوست وٽن آيو تہ پاڻ ان کان اچڻ جو سبب پڇيو، ان چيائين: اي ابُو علي! مان اوهان کان اُنسِيت (Company) حاصل ڪرڻ آيو آهيان. پاڻ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم ! هي تہ وَحشت ڏيارڻ وارو ڪم آهي! توهان اهو ئي چاهيو ٿا تہ توهان مون لاءِ پنهنجي گفتگو خُوبصورت ڪيو،

www.dawateislami.net

مان توهان لاءِ پنهنجي گفتگو مُزَين ڪيان، توهان مون لاءِ ڪوڙ ڳالهايو ۽ مان توهان لاءِ ڪوڙ ڳالهايان؟ (تنهنڪري بهتري ان ۾ آهي تہ) يا تہ توهان مون وٽان هليا وڃو يا مان توهان وٽان هليو وڃان. (إحياءُ الْعُلوم،۲/۲۸۴بتغير قليل عربي)

مُختصَر سی زِندگی ہے بھائیو! نیکیاں کیجئے نہ غفلت کیجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فُضُول سُوال جي ڪفّاري ۾ هڪ سال جا روزا رکيا

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مكتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 562 صَفحن تي مُشتَمِل ڪتاب "منهاجُ العابدين" صَفحي نمبر173 تي آهي:حضرت سَيِدُنا حَسّان بن سِنَان تابِعِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ بالا خاني (بُلند ۽ اوچي گهر) وٽان گُذريا تہ ان جي مالڪ کان پڇا ڪئي: اهو گهر ناهيندي اوهان کي ڪيترو عَرصو ٿيو آهي؟ هي سُوال ڪرڻ کان بعد سندن دل ۾ سخت شرمساري ٿي ۽ پنهنجي نَفس کي مُخاطِب ڪندي فرمايائون: اي مَغرُور نَفس! تون فُضُول ۽ بي مَقصَد سُوالن ۾ قيمتي وَقت کي ضائِع ڪرين ٿو. پوءِ ان فُضُول سُوال جي ڪفّاري ۾ پاڻ هڪ سال جا روزا رکيا. (منهاج العابدين ،الباب الثالث،الفصل الثالث،ص٦٥عربي)

نَفس یہ کِیا ظُلم ہے جب دیکھو تازہ جُرم ہے ناتُواں کے سَر پہ اِتنا بوجھ بھاری واہ واہ!

**ڪلام رضا جي وضاحت**: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: اي بَدڪار نَفس! تنهنجي ظُلم وسِتَم جي بہ هاڻي حَد ٿي وئي! تون هر لَمحي منهنجي خطائن ۾ برابر اِضافو ڪندو رهين ٿو ۽ مون ضعيف ٻانهي جي مٿي تي گناهن جو ڀاري بوجهہ رکي رهيو آهين.

www.dawateislami.net

## اَميرِ اهلسُنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ۽ وقت جو قَدر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته اسان جي بُزرگن سڳورن جو وَقت ڪيتري قدر مُحتاط انداز ۾ گُذرندو هو جو جيڪڏهن انهن جو ڪو دوست صرف ان ڪري ايندو هو ته توري دل وندرجي وڃي ۽ ڪجھ ٽائم پاس ٿي وڃي ته اهي بزرگ ان کي وَقت جي اَهمِيت بابت مَدَني گل عطا ڪندا هئا ۽ وَقت جي بَربادي جا نُقصان ٻڌائي ان جي اِصلاح ڪندا هئا. اڄ جي هن پُرفِتَن دور ۾ شَيخِ طريقت،اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اَسلافِ ڪرام جي ياد تازه ڪرڻ واري اها عظيم هستي آهن جو سندن هر عمل اسان جي لاءِ تقليد جوڳو آهي ڇوته پاڻ پنهنجي وَقت کي هڪ بهترين انداز سان ورهايو آهي جيئن نَماز، وِرد وَظيفه، بيان، مدني مُذاڪرا، مُطَالَعو، روزن جو تَسَلسُل، نَوافِل جي ڪثرت، مَدَني مشورا، سَحَري و اِفطار، مُرِيدن ۽ طالبن ۽ لاڳاپيلن ۽ عُلَما وعوام سان مُلاقات، مڪتوبات جي جوابات، مَريضن جي عِيادت، مرحومين جي عزيزن سان تعزيت، مدني ڪمن جي ترقي تي ذمه دارانِ دعوتِ اسلامي جي حوصله افزائي جا مدني گل، گهروارن جي ضرورت، پنهنجي اولاد جي مدني تربيت سان گڏوگڏ ڏوهٽن، ڏوهٽين، پوٽن ۽ پوٽين جي مَدَني تَربِيت، تَحريري ڪم، آرام ۽ روز مَرَّه زِندگي جي بي شُمار مَعمولات کي مُختلِف اَوقات ۾ ورهائي اِستِقَامَت سان هن تي عمل وَقت جي قَدر داني جو واضح ثُبوت آهي. سندن دِيني ۽ تنظيمي ڪاميابين جو بهترين مثال اٽڪل 200 ملڪن ۾دعوتِ اسلامي جو مَدَني پيغام ۽ 100 ڪان وڌيڪ شعبن جو قِيام ۽ گڏوگڏ"ڪفريه ڪلمات ڪے بارے ۾ سوال جواب، غيبت جون تباھ ڪاريون، نيڪي جي دعوت، وسائلِ بخشش، ٻارهن(12) رسالن جو مَجموعو، نَماز جا اَحڪام،فَيضَانِ سُنّت، پردي جي باري ۾ سُوال جواب“ ۽ فِقهي مسائل، قَبر وآخِرت ،طِب ۽ بين

www.dawateislami.net

سوين موضوعن تي سوين بيانات ۽ مَدَني مذاڪرا ۽ هزارين صَفحن تي مُشتَمِل تحريري مَواد بہ آهي .اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ مسلمانن جي دل ۽ دماغ ۾ وَقت جي اَهمِيت جو اِحساس بيدار ڪرڻ ۽ انهن جي سينن ۾ بُزرگن جي مَدَني سوچ مُنتَقِل ڪرڻ جي لاءِ قرآني آيات، اَحاديثِ مُبَارَڪہ، اَقوالِ بُزرگانِ دِين ۽ نصيحت سان ڀرپور مَدَني گلن سان سينگاريل ”اَمُول هيرا“ نالي هڪ رِسالو بہ تحرير فرمايو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس تراجم جي طرفان هن رسالي جو مختلف زبانن ۾ ترجمو بہ ٿي چڪو آهي، ان ۾ عربي، انگلش، هندي، گجراتي ۽ سنڌي وغيره شامل آهن. اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيَةً طَلَب ڪري پاڻ بہ مُطَالَعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ تُحفي ۾ پيش ڪريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي يعني پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ(Download) ۽ پرنٽ آؤٽ(Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اميرِ اهلسنَّت وقت جي قدر و منزلت ڪئي ۽ ٻيءِ دعوتِ اسلامي کي اها عظيم مقبوليت مِلي جو سڄي دُنيا ۾ دعوتِ اسلامي جي مشهوري آهي ۽ ان جو اِعتراف ۽ حوصلہ افزائي ڪندي صرف عوام نہ بلڪ عُلماءِ ڪرام بہ ڪجھ هن طرح فرمائن ٿا:

تنہا چلا تُو ساتھ تیرے ہو گیا جہاں — میٹھا تیرا کلام ہے اِلیاس قادِری
ہے دعوتِ اسلامی کی دُنیا میں دُھوم دھام — مقبول تیرا کام ہے اِلیاس قادِری
سایہ ہے ترے سَر پہ دُعائے خواص کا — تُو مَرجَعِ عوام ہے اِلیاس قادِری

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ”مسجد دَرس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به چاهيون ٿا ته شيخِ طريقت، امير اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صُحبت جي برڪت سان وَقت جي قَدر جهڙي عظيم دَولَت نصيب ٿئي ته گهڙي ڪن جي دير ڪرڻ بنا اڄ ئي بلڪ هينئر سان وَقت جو قدر ڏيارڻ واري عظيم، مسجد پرو مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي 12 مَدَني ڪمن ۾ شامل ٿي دِين جي پيغام کي عام ڪرڻ جي نِيت ڪري وٺو، إِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون ڪوڙ ساريون برڪتون پنهنجي اکين سان ڏسندو. 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مسجد دَرْس“ به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسجد دَرس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن کي ڀلائيون سکڻ ۽ سيکارڻ جو خُوب موقعو ملندو آهي، حضرت سَيِدُنا ڪعب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان مروي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيِدُنا مُوسيٰ ڪلِيم الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: اي مُوسيٰ! ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو ڇوته مان ڀلائي سکڻ سيکارڻ وارن جون قبرون روشن ڪندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نه ٿئي. (حلية الاولياء،كعب الاحبار، ٥/٦، رقم:٦٦٢٢) معلوم ٿيو ته سٺين نيتن سان سُنَّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جون قَبرون جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ اُنهن کي ڪنهن طرح جوخُوف مَحسوس نه ٿيندو. إِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ. اچو! ترغيب لاءِ مسجد دَرس جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا جيئن

## فلمن جي شوقين ڪيئن توبه ڪئي؟

هڪ اسلامي ڀاء جي بَيان جو خُلاصو آهي ته دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مَدَني ماحول سان وابستگي کان پهريان مان فلمون ڊراما ڏسڻ جو بيحد

شوقين هئس، منهنجي زِندَگي ۾ ڪجھ هن طرح مدني بَهار آئي جو اسان جي علائقي جي مسجد ۾ هڪ اسلامي ڀاءِ فَيضَانِ سُنّت جو دَرس ڏيندا هئا، هڪ ڏينهن مان بہ دَرس ۾ شريڪ ٿيس، فِڪرِ آخِرت تي مُشتَمِل ڳالهيون ٻڌي دل جي ڪيفِيت ئي بدلجي وئي. ائين روزانو دَرسِ فَيضَانِ سُنّت ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجو معمول بڻجي ويو ۽ اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ عاشقانِ رسول سان ملاقات بہ ٿيڻ لڳي، اسلامي ڀائرن جي اِنفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ هڪ ڀيرو مون کي هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي. تلاوت و نعت ۽ سنّتن ڀري بَيان منهنجي دل ۽ دماغ تي گهرو اَثر ڪيو. اِجتِماع جي آخِر ۾ جڏهن لائٽون بند ڪري اسلامي ڀائرن هڪ آواز ۾ ذِڪرُ الله شُروع ڪيو تہ مون کي پنهنجي دل تان گناهن جي سِياهي ختم ٿيڻ مَحسوس ٿيڻ لڳي. ذِڪر کان بعد گهري ويندڙ رِقّت انگيز دُعا منهنجي دل جي دُنيا ۾ هڪ مَحشر بَرپا ڪري ڇڏيو. خوفِ خُدا سان منهنجو لونءِ لونءِ ڪاندارجي ويو، آئون روئي روئي پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاه ۾ پنهنجن گناهن کان تَوبہ ڪئي ۽ آئنده سُنّتن ڀري زِندَگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. (بُري سنگت کا وبال،ص۲۰)

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر — گُناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
شِفائیں ملیں گی بَلائیں ٹلیں گی — یقیناً ہے برکت بھرا مدنی ماحول
گنہگارو آؤ سِیَہ کارو آؤ — گناہوں کو دیگا چُھڑا مدنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی — دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## وقت ضائع ڪرڻ وارا ڪي اُمور

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين کي فُضُول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ بدران دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي دُنيا وآخِرت ۾ سُرخرو ٿيڻ وارا ڪم ڪيون. پر افسوس جو اسان پنهنجو وقت ضائع ڪري ان تي نادم ٿيڻ ۽ پڇتائڻ جي بدران فخر محسوس ڪيون ٿا. اهي ڪهڙا ڪهڙا فُضُول ڪم آهن جنهن ۾ مُبتَلا ٿي اسان پنهنجي قيمتي گهڙين کي ضائع ڪري رهيا آهيون ۽ پوءِ اسان کي ناڪامين کي ڏسڻو پوي ٿو. اچو! ان مان ڪن معاملن بابت وڌيڪ ٻڌون ٿا۔

## انٽرنيٽ (Internet)

وقت ضائع ڪرڻ واري ذريعن مان هڪ تمام وڏو ذريعو انٽر نيٽ بہ آهي ياد رکو! انٽرنيٽ جو دُرُست استعمال جتي بي شُمار فائدن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، اتي ان جو غلط ۽ غير ضروري استعمال جي ڪري ان گنت نُقصانات پڻ ٿي رهيا آهن، جنهن مان هڪ تمام وڏو نُقصان وَقت جو برباد ٿيڻ بہ آهي. ڪي ماڻهو انٽرنيٽ، فيس بُڪ (Facebook) ۽ واٽس ايپ (Whatsapp) جا اهڙا عادي ٿي چڪا آهن جو گهڙي ڪن جي لاءِ بہ موبائل فون نٽا ڇڏين ۽ وقفي وقفي سان پنهنجي سمهڻ جاڳڻ، شاپنگ ڪرڻ، سنو ڪائڻ پيئڻ ۽ ٻيا مُعاملا پنهنجي دوستن سان شيئر (Share) ڪن ٿا، بي شرمي ۽ بيحيائي جي حدن کي ٽوڙيندي بي پرده ڇوڪريون بہ ڪنهن کان پوئتي رهڻ لاءِ تيار نہ آهن، اهي پڻ پنهنجون بيهوده تصويرون (Pictures) عام ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿيون. اسان جو نوجوان نسل (New Genretion) انٽرنيٽ جي غلط استعمال ۾ ايتري

www.dawateislami.net

قدر منهمڪ تي چڪو آهي جو اهي پنهنجا ڪلاڪن جا ڪلاڪ هن ۾ ضائع ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن استعمال نہ ڪري سگھيا تہ عجيب بي چيني محسوس ڪئي ويندي آهي ۽ ٽائم پاس نٿو ٿئي. ٿورو سوچيو! ڪنهن ڏينهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت جو ناغو ٿيڻ تي ايتري قدر بي چيني ۽ اُداسِي ٿي؟ اهڙي طرح جيڪڏهن اِشراق وچاشت يا تهجد جا نفل ادا نہ ڪري سگھڻ تي ايتري قدر بي چيني ٿي؟ اي ڪاش!اسان کي تِلاوتِ قرآن جو ذوق وشوق نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! اسان کي ڪثرتِ عبادت جي توفيق نصيب ٿي وڃي.

حضرتِ سَيدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھما سان رِوايت آهي تہ نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: " منهنجي اُمَّت جا بهترين ماڻهو حاملينِ قُرآن ۽ رات کي جاڳي الله عَزَّوَجَلَّ جي عِبادَت ڪرڻ وارا آهن. (الترغيب والترهيب ، ڪتا ب النوافل ، التر غيب في قيام الليل ، رقم ٢٧ ، ج ١ ،ص ٢٩٣)

عبادت میں گُزرے مری زندگانی

کرم ہو کرم یاخُدایاالٰہی

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موبائل فون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح انٽرنيٽ جو صحيح استعمال ڪرڻ سان ڪثير دِيني ۽ دُنيوي فائدا حاصل ٿي سگھن ٿا، اهڙي طرح موبائل فون جو ضروري استعمال بہ اسان جي ڪاروباري مُعاملات، رشتيدارن سان تعلُّقات، دوست اَحباب سان مُلاقات ۽ ٻين ضرورتن جي لاءِ اسان جو مددگار آهي. پر اسان ان کي وقت ضائع ڪرڻ جو شايد هڪ آلو سمجهي ورتو آهي، خاص

www.dawateislami.net

ڪري نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ان جو غلط ۽ بي جا استعمال ڪندي سڄو سڄو ڏينهن ويڊيو گيمز کيڏيندي ۽ اهڙا فُضُول sms موڪليندا (send) ڪندا آهن، جنهن ۾ بيهوده مذاق، عِشقِيہ و فِسقِيہ شعر، اخلاقيات کي بگاڙڻ ۽ بعض اوقات تہ اهڙا غير شرعي جملا هوندا آهن، جن جي ڪري حڪمِ ڪفر لازم ايندو هوندو. وڏيڪ هي تہ اهڙا sms پڙهي ڪري مَعَاذَاللہ عَزَّ وَجَلَّ خُوشِي جو اِظهار ڪري ٻين کي بہ موڪليندا (Forward) آهن. ياد رهي! اهڙي طرح سڄو ڏينهن موبائل فون جو استعمال اکيون ڪمزور ٿيڻ، تعليمي نقصان ٿيڻ، غور و فڪر جي صلاحيت ختم ٿيڻ، پئسا ۽ زندگي جون قيمتي گهڙيون ضائع ڪرڻ جو بہ سبب آهي. جيڪڏهن اسان وٽ موبائل فون آهي تہ اسان کي پنهنجو پئسو ۽ قيمتي وقت بچائيندي ان جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي، موبائل فون تي گانو ٻڌڻ جي بدران مڪتبة المدينہ جي بستي تان نعت، تلاوت ۽ اميرِ اهلسنّت، نگرانِ شُوريٰ ۽ ٻين مُبلغينِ دعوتِ اسلامي جا سُنّتن ڀريا بيان، فرض عُلُوم ڪورس، علمِ دِين سان مالا مال رنگي برنگي قِيمتي مدني گلن جي خوشبوئن سان مهڪندڙ مدني مذاڪرن وارو ميموري ڪارڊ هديةً حاصل ڪيو ۽ توجه سان ٻڌو، جي ها! علمِ دين جو شوق رکڻ وارن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس آئي ٽي جي طرفان مختلف ايپلي ڪيشنز (Applications) بہ متعارف ڪرايون ويون آهن، مثال طور "مولانا محمدالِياس قادِري، الحاج عبيد رضا عطاري، مولانا محمد بلال رضا عطاري، حاجي محمد عمران عطاري، اوقاتُ الصلوٰة (Prayer Time)، القرآنُ الڪريم، رُوحاني علاج، مدني انعامات، مدني چينل، مدني خاڪا، دارالافتاء اهلسنّت"، حج وعمره، ذهني آزمائش" (ڪوئز ايپلي ڪيشن) "Zehni Azmaish (Quiz App)، وغيره، هنن ايپلي ڪيشنز (Applications) جي ذريعي بہ معلومات جو ڪوڙ سارو خزانو هٿ ايندو.

اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## راند روند ۾ وَقت بَربَاد ڪرڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وَقت ضائع ڪرڻ وارن ڪمن مان هڪ ڪم راند روند جي بُري عادت بہ آهي، مختلف رانديون تماشا اسان جي نوجوان نسل جي صلاحيت ۽ قابليت کي اڏوهي جيان کائي رهيون آهن. اڄ جنهن کي ڏسو راند جو شيدائي نظر اچي ٿو ۽ ان شوق ۾ مهارت حاصل ڪري شهرت جا خواب ڏسي ٿو، ڪو ڪرڪيٽ ۾ تہ ڪو فٽبال ۾ نالو ڪمائڻ چاهي ٿو، ڪو هاڪي، ٽيبل ٽينس جو مشهور پليئر بڻجڻ جا سُهانا خواب ڏسندو آهي، ڪو سنوڪر، ڪيرم بورڊ ۾ پاڻ کي چيمپئن سمجهي ٿو، تہ ڪو پتنگ بازي، ڪبوتر بازي، جُوا، شطرنج ۽ خبر ناهي ڪهڙين ڪهڙين عجيب وغريب راندين جو شوقين نظر اچي ٿو. ڪرڪيٽ جا بعض شائقين اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي سڄي سڄي رات ڪرڪيٽ کيڏندا، خوب شور وغُل مچائيندا ۽ مسلمانن جي آرام ۾ خلل جو سبب بڻجندا آهن ۽ پوءِ نمازِ فجر اَدا ڪرڻ بغير سمهندا آهن تہ سڄو ڏينهن سمهڻ ۾ وڃائيندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي اهڙين راندين کان پري رکي جيڪي اللّٰه ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي يا وقت جي بربادي جو سبب بڻجنديون هجن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي عبادت ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو شوق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عبادت میں گُزرے مِری زندگانی کرم ہو کرم یا خدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## آواره گردي ۽ بُري صحبت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻھو وقت جي قدر سڃاڻن ٿا، اھي پنھنجو وقت ضائع ڪرڻ بدران پنھنجو ھر ڪم وقت تي ڪرڻ جا عادي ھوندا آھن، اھڙن کي مُعاشري ۾ عزّت جي نگاھ سان ڏٺو ويندو آھي ۽ جيڪي سُستي ۽ ڪاھلي جي ڪري پنھنجو ھر ڪم دير سان ڪندا آھن، اھي ڪو نُمايان مقام بہ نٿا ٻڻائن ۽ پنھنجو وقت الڳ برباد ڪن ٿا. ڪن جي عمل سان تہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڄڻ انھن جي زندگي جو ڪو مقصد ئي ناھي، دوستن سان گڏ گھٽين بازارن ۾ آواره گردي ڪرڻ، ھر ٻئي ڏينھن پنھنجو وقت ۽ پيسو لڳائي تفريحي ھنڌن تي وڃڻ ۽ گُناھن جو اِرتِڪاب ڪرڻ، گھٽي جي ڪنڊن، چانھ جي ھوٽلن تي ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ فضول ڪچھري ڪرڻ، سڄو ڏينھن فلمون ڏسڻ، ڪنن ۾ ھيڊ فري لڳائي دُنيا کان بي پروا ٿي گانا ٻڌڻ وغيره وغيره ڪمن سان تہ ائين لڳي ٿو تہ اسان پنھنجي مقصدِ حيات کي وساري ويٺا آھيون يا اسان کي معلوم ئي ناھي تہ اسان جي پيدائش جو مقصد ڇا آھي. ياد رکو! اسان کي اھا زندگي ان ڪري ناھي ڏني وئي تہ اسان ھن کي دنيا جي رنگينين ۽ موج مستين ۾ گذاريون بلڪ اسان کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي نافرماني وارن ڪمن کان بچڻ جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو ويو آھي. اھو موقعو بہ ساھ باقي رھڻ تائين اسان کي ميسر آھي.

وقت جي عظيم قدردان، اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيتري پياري انداز سان سمجھائي رھيا آھن:

الله کے نبی سے فریاد ہے نفس کی بدی سے

دن بھر کھیلوں میں خاک اُڑائی لاج آئی نہ ذرّوں کی ہنسی سے
شب بھر سونے ہی سے غرض تھی تاروں نے ہزار دانت پیسے
اِیمان پہ موت بہتر او نفس تیری ناپاک زِندگی سے

شعرن جي مختصر وضاحت:

الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ نَفسِ امّاره جي شرارتن کان بچڻ جي لاءِ فرياد آهي. اي نفس! تو کي شرم نہ آئي تہ سڄو ڏينهن راند روند ۾ مشغول رهي وقت ضائع ڪندي رهين ۽ ريت جا ذرّا پڻ تنهنجو مذاق اُڏائيندا رهيا ۽ جڏهن رات جو الله عَزَّ وَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ٻيهي عبادتِ الٰهي ۾ مصروف ٿيندا آهن تہ تون ان وقت بہ غفلت جي ننڊ ستل رهين، سمهڻ جي علاوه تو کي ٻيو ڪو ڪم ئي نہ آهي، تنهنجي هن غفلت تي آسمان جا تارا تو تي کلي رهيا آهن، اي ذليل نفس! نافرمانين ۾ اهڙي جيئڻ کان ايمان تي مري وڃڻ هزار درجي بهتر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً اها زندگي ڪجهه ڏينهن جي آهي، جيڪڏهن اسان هن کي بي مقصد ڪمن ۾ ضائع ڪرڻ جي بدران هر ڪم کي ان جي وقت ۾ ڪيون، گُناهن کان بچندي نيڪين ۾ گُذاريون تہ اسان جي دنيا بہ موچاري ۽ آخرت بہ بهتر ٿيندي. اسان جا اَسلاف وقت جا وڏا قدردان ثابت ٿيا آهن جو اڄ تائين انهن جي ناماچاري عوام ۽ خَواص جي زبانن تي جاري آهي، مثال طور صَحابَہ ڪرام، اَهلِ بَيتِ اَطهار، تابِعين، تَبع تابِعين رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين، اَولِياءِ ڪامِلين، مُحَدّثين، مُفسّرِين، فُقَهاءِ ڪرام ۽ صُوفِياءِ ڪرام وغيره

اهي عظيم هستيون آهن جو انهن جو ذِڪرِ خير ڪرڻ اسان پنهنجي لاءِ سعادت جو سمجهندا آهيون ۽ انهن جو نالو ايندي ئي زبان تان بي ساختہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ۽ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جاري ٿي ويندو آهي، ڇو؟ ان ڪري جو اهي حضرات وَقت جي قدر ۽ اهميت کان بخوبي واقف هئا. اچو! وَقت جي هنن قدر دانن جا ڪجھ اِرشادات پڙهي نصيحت جا مَدَني گل گڏ ڪيون ٿا،

## وَقت جي قَدر دانن جا ارشادات

(1) اَمِیْرُالْمُؤمِنِین حضرتِ مولاء ڪائنات،علي المُرتَضٰي،شيرِخدا ڪَرَّمَ اللہ ت تَعَالٰی وَجْھَہ الْکَرِیم فرمائن ٿا:' هي ڏينهن توهان جي حياتي جا ورق آهن، انهن کي سٺن عملن سان سينگاريو.“."

(2) حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: آئون پنهنجي زندگي جي گذريل ان ڏينهن جي مقابلي ۾ ڪنهن شيء تي پشيمان ناهيان ٿيندو جيڪو ڏينهن منهنجي نيڪ عملن ۾ اضافي کان خالي هجي.“.

(3) حضرت سيدنا امام شافعي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ القوِي فرمائن ٿا: مان هڪ عرصو الله وارن جي صحبت کان فيضياب ٿيندو رهيس، انهن جي صحبت مان مون کي ٻہ اهم ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون: (1) وقت تلوار جيان آهي توهان هن کي (نيڪ اعمال جي ذريعي) ڪٽيو نہ تہ (فضوليات ۾ مشغول ڪري) اهو توهان کي ڪٽي ڇڏيندو. (2) پنهنجي نفس جي حفاظت ڪريو، جيڪڏهن اوهان هن کي سٺن ڪمن ۾ مشغول نہ رکيو تہ اهو توهان کي ڪنهن بري ڪم ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو.

(4) امام رازي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ڪاڻو ڪائڻ وقت

علمي مشغلا (تحريري يا مطالعه) ترڪ ٿيڻ جو مون کي گھڻو افسوس ٿئي ٿو ڇوته وقت تمام وڏي قيمتي دولت آهي.." (انمول هيرے،١٦تا١٨)

(5) حضرت سَيِدُنا اِمام ابُو زَڪرِيا يحيٰي بن شَرَف نَوَوِيرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڪڏهن به پنهنجو وَقت ضائِع نه ڪندا هئا، نه ڏينهن ۾ نه رات ۾ ايستائين جو راهه ايندي ويندي به ڪنهن ڪتاب جو مُطَالَعو يا تڪرار جاري رکندا هئا. اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڪيئي سال تَحصيلِ عِلم (عِلم جي طلب) ۾ گذاريا . سندن جي اَوقات جي ورهاست ڪيل هئي. تمام وَقت خَير (نيڪي) جي ڪمن ۾ ئي خرچ ٿيندو هو، تصنيف وتاليف ،تَدريس، نَوافِل، تِلاوتِ قرآن، اُمورِ آخِرت ۾ غور وفِڪر، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائين کان مَنع ڪرڻ جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جا اَوقات مُقَرَّر هئا. (فيضان رياض الصالحين، ص١٤ بتغير قليل)

ہے یہاں سے تُجھ کو جانا ایک دِن قَبر میں ہوگا ٹِھکانا ایک دِن
مُنہ خُدا کو ہے دِکھانا ایک دِن اب نہ غفلت میں گَنوانا ایک دِن
ایک دِن مَرنا ہے آخِر مَوت ہے کر لے جو کرنا ہے آخِر مَوت ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وَقت جي قدر ڪرڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان وَقت ضائع ڪرڻ وارا اُمُور ۽ وَقت جي قدردانن جا ارشادات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جنهن کي ٻڌي وَقت جي قدر ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو هوندو. هن جذبي کي وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ ڪجھ اهڙا طريقا ٻڌون ٿا، جنهن تي عمل جي بدولت اسان کي ثابت قدمي نصيب ٿي

سگھي ٿي، جيئن

◈ موبائل فون ۽ انٽر نيٽ جي غير ضروري استعمال کان پرهيز ڪيو ۽ ضرورتاً سادو ۽ سستو موبائل استعمال ڪريو ◈ ڪوشش ڪري لکي گفتگو جي عادت بڻايو نہ تہ گھٽ کان گھٽ لفظن ۾ گفتگو جي ترڪيب بڻايو ◈ وقت جي قدر جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ پاڻ کي وڌ کان وڌ نيڪي جي ڪمن ۾ مشغول رکو ۽ سڄي ڏينهن جو هڪ جدول (Schedule) بڻائي وٺو، جنهن ۾ فُضُول ۽ وقت ضائع ڪرڻ وارا ڪم شَامل نہ هجن. ◈ صبح جلدي اٿي تا سگھو تہ نمازِ تهجد ادا ڪريو◈ گھر ۽ ٻاهر وارن کي صداء مدينہ لڳائي نمازِ فجر جي لاءِ جڳايو ◈ نمازِ فجر کان بعد مَدَني حلقي ۾ شامل ٿي قرآنِ ڪريم جون 3 آيتون مع ترجمو ۽ تفسير پڙهي يا ٻڌي ان جو برڪتون ماڻيو، درسِ فيضانِ سُنَّت، شجره قادريہ رضويہ عطاريہ ۽ اِشراق و چاشت جا نفل بہ ادا ڪريو. ناشتي کان فراغت بعد سڄي ڏينهن جي مصروفيات مثال طور جامعةُ المدينہ وغيره ۾ علم حاصل ڪريو، يا پنهنجي اهل وعيال جي ڪفالت جي لاءِ ڪسبِ حلال ۾ مصروف رهو. ان دوران ظهر ۽ عصر جون نمازون باجماعت اَدا ڪريو، نمازِ مغرب باجماعت ادا ڪرڻ کان بعد درس وبيان ۾ شرڪت ڪريو، ان کان بعد اوّابين جا نفل بہ ادا ڪريو ۽ پوءِ عشا جي نماز کان بعد مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ دُرُست تلفُّظ سان قرآنِ پاڪ سکو ۽ ٻي ضروري مُعاملات کان بعد جلد سمهڻ جي عادت بڻايو، بِلاوجہ زياده دير تائين جاڳڻ سان صبح نمازِ فجر جي لاءِ اُٿڻ ۾ سُستي ٿيندي. ان جَدول کان علاوه سڄو ڏينهن فُضُول ڳالهين کان بچڻ جي لاءِ زبان جو قُفل ِمدينہ لڳايو، فارغ گھڙين ۾ ذِڪرو دُرود جي ڪثرت ڪريو، فلمون ڊراما ۽ گناهن ڀريا مختلف چينلز ڏسڻ جي بدران پاڻ بہ 100فيصداسلامي چينل،مدني چينل ڏسو ۽ گھر وارن کي بہ

www.dawateislami.net

هن جي ترغيب ڏياريو، جي ها! مدني چينل ئي اهڙو واحد چينل آهي، جنهن کي اوهان جوان ٻارن ۽ ٻاڙرين سان گڏ ويهي ڏسي سگهو ٿا، موڪل واري ڏينهن راند روند ۾ وقت برباد ڪرڻ بدران اي ڪاش! اُمّتِ مسلمہ تائين نيڪي جي دعوت پهچائڻ جي نيت سان "مدني دوره" ۾ شرڪت جي سعادت ملي وڃي. جيڪڏهن ان طرح اسان جدوَل ٺاهي ان تي عمل ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جو وَقت فُضُول ڪمن ۾ برباد ٿيڻ جي بدران نيڪين ۾ گذرندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ وقت جي ورهاست ڪيئن هئي، وقت جو دُرست اِستعمال ڪيئن ڪجي؟ گهٽ وقت ۾ وڌ کان وڌ دِين جي خدمت ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ عِبادت ۽ رِياضت کي پنهنجي جدول (Schedule) ۾ ڪيئن شامل ڪري سگهجي ٿو؟ جدول جي اهميت ۽ فائدا ڪهڙا آهن؟ ڇا جدول ۾ گهر جا ڪم ڪار بہ ٿيڻ گهرجن؟، بزرگانِ دِين جي مبارڪ زندگين جو جدول ڪهڙو هوندو هو، ذِميدارانِ دعوتِ اسلامي پنهنجو جدول ڪيئن ٺاهن؟ جدول ٺاهڻ ۾ ڇا ڇا نيتون ڪري سگهجن ٿيون، اها سڄي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ رِسالي"**آقاڪاجدول**" جو مطالعو ڪريو، اهو رِسالو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي موجود آهي، اهو رِسالو عنقريب مڪتبة المدينہ تان شائع پڻ ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یا خدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جُمادَي الاُخريٰ جو بابرڪت مهينو

www.dawateislami.net

پنهنجي بهارون لُٽائي رهيو آهي، هي مهينو هن لحاظ کان بہ اسان جي لاءِ اهميت وارو آهي جو هن مبارڪ مهيني ۾ ٽن عظيم هستين جو عُرس شريف ملهايو ويندو آهي، جنهن مان پهرين شخصيت، عاشقِ اڪبر، عاشقِ ماه رسالت، يارِ غار و يارِ مزار حضرت سَيدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه آهن، ٻيا حضرت سَيدُنا زُبير بن عوّام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه آهن جيڪي عشره مبشره رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهم اَجْمَعِين مان آهن يعني جن 10 صحابہَ ڪرام کي، مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حقّ ترجمان سان دُنيا ۾ ئي جنت جي بشارت عطا فرمائي ۽ ٽي عظيم شخصيت مشهور صُوفي بُزرگ حُجَّةُ الْاِسْلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه آهن. اڄ جي بيان ۾ اچو حُصُولِ بَرَڪت جي لاءِ حضرت سَيدُنا زبير بن عوام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه ۽ حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مختصراً ذِڪرِ خير ٻڌون ٿا، ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان ۾ حضرت سَيدُناصديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جي مبارڪ سيرت جي مختلف پهلوئن کان برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، مثال طور سندن مختصر تعارف، سندن ڪردار، بارگاهِ رِسالت ۾ سندن مقام ۽ مرتبو، جنّت ۾ سندن پُرتپاڪ اِستقبال، پاڻ جو مالي اِيثار، سندن نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو انداز، سندن روزن سان محبت، سندن مريضن جي عِيادت ۽ خير خواهي ڪرڻ وغيره.

## سَيدُنا زبير بن عوّام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جو تعارف

حضرت سَيدُنا زبير بن عوّام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جي زندگي جا ڏينهن اسلام جي سربُلندي ۽ رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وفاداري ۾ گذريا، پاڻ، حُضُورِ انور صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڦڦيءَ حضرت سَيدَتُنا صفيه رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْها جا شهزادا، حضرت سَيدَتُنا خديجه رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْها جا ڀائيٽا، امير المُؤمنين حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جا داماد، اسلام جي ٽنين مان هڪ ٿنڀ، جنت ۾ آقا صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا

پاڙيسري، زخمي حالت ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم تي لبّيڪ چوڻ وارا، پنهنجي قوم ۾ سڀ کان بهترين،نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا، رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حمايت ۽ حفاظت ۾ سڀ کان پهريان تلوار ڪڍڻ وارا، بهادر ترين پهلوان هئا ۽ بهادر ماء جا پٽ هئا، ان کان عِلاوه ديانت داري، ڪامياب تجارت، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ،اخلاص،خوفِ خدا رکڻ وارا، حديثِ پاڪ بيان ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪيئي عَظِيم خوبين وارا هئا. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو يومِ وصال 11 جمادي الاخريٰ آهي ۽ انهيء تاريخ تي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو عُرسِ مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو تعارف

حُجَّةُ الْاِسْلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا ايامِ زندگي ظاهري ۽ باطني علوم سکڻ سيکارڻ ۾ گذريا، راه علم ۾ پاڻ دُور دراز جي مُلڪن ۽ شهرن جو سفر ڪيو، پاڻ پنهنجي وقت جي مشهور و معروف استادن وٽان مختلف علوم ۽ فنون ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ ڪيئي علوم ۽ فنون ۾ سوين ڪتاب ۽ رسالا تصنيف فرمايا، جنهن ۾ اِحياءُ العُلُوم، ڪيمياءِ سعادت، مِنهاجُ العابِدين، اَيها الوَلَد وڏيڪ مشهور آهن. اوهان جا بي شُمار شاگرد هئا ،جنهن مان اڪثر پنهنجي وقت جا وڏا ۽ مشهور عالم، فقيه، محدث، مفسر ۽ مصنف جي حيثيت سان مشهور ٿيا، پاڻ تمام وڏا عابد، زاهد، سادگي ۽ عاجزي پسند، دنيا کان بي رغبت ۽ فڪرِ آخرت رکڻ وارا،خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي دولت سان مالا مال هئا، ظاهري و باطني بيمارين جي آلودگين کان سندن دامن هميشه پاڪ ۽ صاف رهيو، سندن يومِ وصال 14

www.dawateislami.net

جمادي الاخريٰ آهي ۽ انهيء تاريخ تي سندن عرسِ مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ تا حضرت سَيدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا ڪتاب ترجمو ٿيل هديةً حاصل ڪري انهن جو مطالعو ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علم ۽ حڪمت جا بي شُمار ناياب موتي گڏ ڪرڻ لاءِ ملندا، مثال طور احياءُالعلوم،منهاج ُالعابدين، مڪاشفةُالقلوب، اَيها الوَلَد (پٽ کي نصيحت) وغيره .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان وقت جي قدر ۽ اهميت بابت قرآني آيتون، حديثون ۽ بُزرگن جا حڪمت سان ڀرپور واقعا ۽ معمولات ۽ نصيحت ڀريا ارشادات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اڄ جي بيان ۾ جيڪي مدني گل اسان ٻڌا، اچو! انهن کي ڏهرايون ٿا تہ جيئن ذهن نشين ٿي وڃن. اسان ٻڌو تہ ◈ گُذريل وقت موٽي ناهي ايندو.◈ وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي نهايت وڏي نعمت آهي. ◈ وقت جي قدردانن کي بُلندي نصيب ٿيندي آهي. ◈ وقت جي قدر ۽ قيمت کي قرآنِ پاڪ ۽ احاديثِ ڪريمہ ۾ نهايت دلنشين انداز ۾ اُجاگر ڪيو ويو آهي. ◈ اسان جا بزرگانِ دِين حالتِ نزع ۾ بہ پنهنجي قيمتي گهڙين کي ضائع ڪرڻ پسند نہ ڪندا هئا. ◈ ٿائم پاس ڪرڻ وارن ۽ آرام طلب ماڻهن جي باري ۾ ٻڌو تہ اهي پنهنجي قيمتي وقت کي ڪهڙي ڪهڙي انداز سان ضائع ڪري رهيا هوندا آهن. ◈ وقت جا قدردان وقت ضائع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندا ۽ هٿوهٿ ان جي تلافي بہ ڪندا هئا. ◈ وقت جا قدردان وقت ضائع ٿيڻ جي خوف سان گهٽ ڪائيندا هئا. ◈ گهٽو وقت مطالعو

ڪرڻ ۾ اڪثر وقت ڊِيني مصروفيات ۾ گذاريندا هئا. ◈ وقت جي قدردانن جا شب و روز باقاعده هڪ جدول تحت گُذرندا هئا. ◈ اهو به پتو پيو ته وقت ۾ مُعاشري کي برباد ڪرڻ ۾ موبائل فون ۽ انٽرنيٽ جو گهڻو عمل دخل آهي.

عُمر بدِیوں میں ساری گُزاری ہائے! پھر بھی نہیں شَرمُساری
بَخش محبوب کا واسِطہ ہے یا خُدا تُجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي جي رسالي 101 مدني گل صفحي نمبر27 تان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب سکون ٿا: فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. ( ابن ماجه،۴/ ۱۱۵ ،حديث :۳۴۹۷ )

◈ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (فتاويٰ هنديه،۵/ ۳۵۹) ◈ سرمو سمھڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مرآةالمناجيح، ۱۸۰/٦) ◈ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کابي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان انشآءَالله عَزَّ وَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. ◈ تڪريم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کابي اک ۾ پايو..

صَلُّوۡاعَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سنتيں اور آداب"،رسالو "163 مدني گل" ۽ "101 مدني گل" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور انهن جو مطالعو فرمايو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص٦٣٥)

صَلُّوۡاعَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(3)

---

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَاَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net